SCAN TO VERIFY
LAW DEPARTMENT
GOVERNMENT OF SINDH
www.sindhlaws.gov.pk

سنڌ آرڊيننس نمبر LII مجريه 1984

SINDH ORDINANCE NO.LII OF 1984

سنڌ نشيدار شيون واپرائڻ تي پابندي (ترميم) آرڊيننس، 1984

THE SINDH CONSUMPTION OF INTOXICANTS RESTRICTION (AMENDMENT) ORDINANCE, 1984

فهرست (CONTENTS)

تمهيد (Preamble)

1. مختصر عنوان ۽ شروعات

Short title and commencement

2. 1940 جي سنڌ ايڪٽ IV جي دفعه 2 جي ترميم

Amendment of section 2 of Sindh Act IV of 1940

3. 1940 جي سنڌ ايڪٽ IV جي دفعه 3، 4 ۽ 5 جي ترميم

Amendment of sections 3, 4 and 5 of Sindh Act IV of 1940

سنڌ آرڊيننس نمبر LII مجريہ 1984

SINDH ORDINANCE NO.LII OF 1984

سنڌ نشيدار شيون واپرائڻ تي پابندي (ترميم) آرڊيننس، 1984

THE SINDH CONSUMPTION OF INTOXICANTS RESTRICTION (AMENDMENT) ORDINANCE, 1984

[10 ڊسمبر 1984]

آرڊيننس جنهن ذريعي سنڌ نشيدار شيون واپرائڻ تي پابندي ايڪٽ، 1940 ۾ ترميم ڪئي ويندي.

تمهيد (Preamble)

جيئن تہ شرعي عدالت سنڌ نشيدار شيون واپرائڻ تي پابندي ايڪٽ، 1940 ۾ ڪجھ ترميمون ڪرڻ جي هدايت ڪئي آهي؛

۽ جيئن تہ سنڌ نشيدار شيون واپرائڻ تي پابندي ايڪٽ، 1940 ۾ ترميم ڪرڻ ضروري ٿي پئي آهي، جيڪا هن ريت هوندي؛

هاڻي تنهن ڪري، پنجين جولاءِ 1977 جي اعلان ۽ پرووِيزنل ڪانسٽيٽيوشن آرڊر، 1981 جي روشني ۾ سنڌ جي گورنر هيٺيون آرڊيننس جوڙي نافذ ڪرڻ فرمايو آهي:

مختصر عنوان ۽ شروعات

1. (1) هن آرڊيننس کي سنڌ نشيدار شيون واپرائڻ تي پابندي (ترميم) آرڊيننس، 1984 سڏيو ويندو.

(2) هي فوري طور تي لاڳو ٿيندو.

Short title and commencement

2. سنڌ نشيدار شيون واپرائڻ تي پابندي ايڪٽ، 1940 ۾ جنهن کي هن کانپوءِ به ڇاڻايل ايڪٽ سڏيو ويندو، ان جي دفعه 2 جي ذيلي دفعه (1) جي شق (e) ۾ آخر ۾ ايندڙ فل اسٽاپ کي سيمي ڪولن سان تبديل ڪيو ويندو ۽ ان کانپوءِ هيٺين شق وڌائي ويندي:

"(f) "ونڊ يا واپرائڻ" جنهن ۾ شامل آهي ڪا نشو ڏيندڙ انجيڪشن ذريعي ونڊ."

1940 جي سنڌ ايڪٽ IV جي دفعه 2 جي ترميم

Amendment of section 2 of Sindh Act IV of 1940

3. ڇاڻايل ايڪٽ جي دفعه 3، دفعه 4 ۽ دفعه 5 ۾ لفظ "قيد سان گڏ جيڪا ستن سالن تائين وڌي سگهي ٿي يا ڏنڊ سان گڏ جيڪو هڪ لک رپين تائين وڌي سگهي ٿو يا ٻئي گڏ"، جتي پيو دفعو اچن ٿا، انهن کي لفظن "قيد سان گڏ جيڪا ڇهه مهينن کان گهٽ نه هجي پر ستن سالن کان وڌيڪ به نه هجي ۽ ڏنڊ جيڪو هڪ لک رپين تائين وڌي سگهي ٿو" سان تبديل ڪيو ويندو.

1940 جي سنڌ ايڪٽ IV جي دفعه 3، 4 ۽ 5 جي ترميم

Amendment of sections 3, 4 and 5 of Sindh Act IV of 1940

نوٽ:ـ آرڊيننس جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.